# ڊاڪٽر مُرليڌر ڪشنچند جيٺلي

برک ساهتيڪار

۽

وائيس چيئرمن، سنڌي اڪاڊمي، دهلي



**Murlidhar Jetly**

Eminent Writer

*Vice Chairman*- Sindhi Academy, Delhi

تاريخ، قومن جو نسب نامو يا گهٽنائن جو سلسليوار ذڪر هوندو آهي. اُن ذريعي Stone Age واري دورڪان ڄاڻ ملندي آهي ته انسان، رات جي اونده کي دشمن جي ڪاه سمجهي سڄي رات ڏاهرين وانگر چاچ ڪٽي چندبيندو هو ۽ صبح ٿيندي ئي فتحيابي محسوس ڪندو هو.

اتهاس گواه آهي ته ڪيئن انسان آهسته آهسته سپيه ۽ سمجهدار ٿيندو ويو. اوائلي دور ڪان وٺي موجوده وقت تائين سنڌي ڏاهن ۽ ليکڪن سماج کي نئين راه ڏيکاري آهي. هنن سُتل دلين کي بيدار ڪيو ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ڪان نجات پائڻ لاءِ ديش ڀڳتي ۽ قربانيءَ جو جذبو پيدا ڪيو. اڄ اسان سان گڏ آهي هڪ اهڙوئي برک ساهتيڪار، جنهن جي قلم مان سماج جي سڄاڳي ۽ بهبوديءَ لاءِ گهڻو ئي ڪجهه مواد ملندو رهيو آهي. هيءُ آهي **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي**، جيڪو هن وقت سنڌي اڪادمي، دهليءَ جو وائيس چيئرمن پڻ آهي.

**جوَهراڻي:** **ڊاڪٽر جيٽلي صاحب! اَوهان جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟**

**جيٽلي:** رام! منهنجي جنم جي تاريخ ۷ نومبر ۱۹۳۰ع آهي ۽ جنم جو اِستان حيدرآباد، سنڌ آهي. حيدرآباد جي شاهي بازار مشهور آهي. اُها ڏکڻ ۾ غلام شاه ڪلهوڙي جي اَڏايل قلعي کان شروع ٿيندي هئي ۽ اُتر ۾ ميرن جي قبن تائين وڃي ختم ٿيندي هئي. اُتي سينٽرل جيل بہ هو تہ اُن جي پرسان سنڌي هِندو عاملن جي اَڏايل هيرآباد ڪالوني بہ هئي. بازار جي ڊيگهہ ڏيڍ بہ ڪلوميٽر ٿيندي. اُنهيءَ جي ويڪر پندرهن فوٽ کن مس هئي. بازار جي ٻنهي پاسي دوڪان هئا ۽ گهٽيون هيون، جيڪي

جدا جدا آکهين جي نالي سان سڏبيون هيون. جيئن تہ 'آڏواڻي گهِٽي'، 'چنديراماڻي گهِٽي'، 'ملڪاڻي گهِٽي' ۽ 'منسڪاڻي گهِٽي' وغيره. وچ بازار ۾ اوير طرف هئي 'مُکي گهِٽي'، جتي اسان جا ٽي مڪان هئا. هڪ ۾ منهنجي ڏاڏي جو دواخانو هو ۽ ٻئي ۾ منهنجي ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ ۽ اُنهيءَ جو ڪٽنب رهندو هو. ٽئين مڪان ۾ منهنجو پِتا ۽ سندس ڀائر رهندا هئا، جتي منهنجو جنم ٿيو هو.

شاهي بازار حقيقت ۾ گنجي ٽڪر جي مٿان ٺهيل هئي، جنهن جي ٻنهي پاسي چاڙهيون هيون، جيئن تہ 'تلڪ چاڙهي' ۽ 'نوڙهي چاڙهي' وغيره. اوير ۾ ڦليلي واه هو تہ اولهہ طرف سنڌو ندي هئي. هاڻي بہ پراڻي شهر جي اَڏاوت ساڳي آهي. جيتوڻيڪ اڄ اُها رونق نہ رهي آهي، جيڪا ورهاڱي کان اَڳ هئي.

**جوَهراڻي:** **اَوهان جي 'جيٽلي' آکهہ جو ڪهڙو اِتهاس آهي؟**

**جيٽلي:** رام! سنڌي هِندن جون جيڪي آکهيون 'آڻي' پڇاڙيءَ سان ختم ٿين ٿيون. اها پڇاڙي حقيقت ۾ سنسڪرت ڀاشا مان سنڌيءَ ۾ آئي آهي ۽ ان جو مطلب آهي 'اولاد'، 'سنتان' ۽ 'خاندان' سان واسطو رکندڙ. جيئن تہ جوَهراڻي يعنيٰ جوَهرمل جي سنتان. آڏواڻي يعنيٰ آڏومل جي سنتان. جيٺملاڻي يعنيٰ جيٺمل جي سنتان. گدواڻي يعنيٰ گدومل جي سنتان. ڪرپالاڻي يعنيٰ ڪرپالداس جي سنتان. مطلب تہ پنج ڇهہ پيڙهيون اڳ جيڪي

اَسان جا وڏا هئا، اُنهن جي نالي پٺيان آکهه جو نالو رکيو ويو. عام طور، ساڳي آکهه وارن ۾ شاديءَ جو رِشتو نه ڪبو آهي. ڇاڪاڻ ته اُهي پاڻ ۾ ڀائر - ڀينرون ليکبا آهن.

هاڻي اَچون ’جيٽلي‘ آکهه تي. انهيءَ آکهه وارن جا سڄي سنڌ ۾ فقط ويهه ڪن پريوار مس هئا. جيڪي حيدرآباد، ڪراچي، ٽنڊو آدم، سيوهڻ ۽ ميرپور خاص وغيره ۾ رهندا هئا. ’جيٽلي‘ لفظ حقيقت ۾ ويدن واري زماني جي هڪ مهرشي ’جيتري‘ جو بدليل روپ آهي. سنڌ ۾ ’جيٽلي‘ گذريل چار سوءِ سالن واري عرصي کان پنجاب، گجرات، راجستان وارن علائقن مان اَچي رهيا. اهي سڀ سارسوَت براهمڻ آهن، جيڪي اَصل ۾ ويدن واري زماني ۾ ’سرسوَتي‘ نديءَ جي آس پاس رهندا هئا. اُتان پوءِ اُهي ڀارت جي ٻين ايراضين ۾ ڦهلجي ويا. هِن وقت پنجاب ۾ ’جيٽلي‘ آکهه وارا سارسوَت براهمڻ گهڻا آهن. مهاراشٽر ۽ ڪونڪن ۾ به سارسوَت براهمڻ گهڻي تعداد ۾ رهندڙ آهن. اَروڻ جيٽلي پڻ پنجابي سارسوَت براهمڻ آهي.

**جوَهراڻي:** **اَوهان ڳالهه ڪئي ته حيدرآباد سنڌ جي شاهي بازار جي ٻنهي طرف گهٽيئي گهِٽيون آهن؛ جيڪي هندن جي آکهين جي نالن پٺيان سڏجن ٿيون. انهيءَ جو اِتهاس ڇا آهي؟**

**جيٽلي:** حقيقت ۾ حيدرآباد جو شهر غلام شاهه ڪلهوڙي اَڏايو؛ جنهن جي شاهي بازار گنجي ٽڪر جي هڪ مٿانهين شاخ تي اَڏيل آهي. انهيءَ ايراضيءَ ۾ اَٺين عيسوي صديءَ کان وٺي هڪ پراڻي بستي هوندي هئي، جنهن کي ’نيرن ڪوٽ‘ سڏيندا هئا. غلام شاهه ڪلهوڙي سن ١٧٦٨ع ۾ حيدرآباد ۾ پڪو قلعو اَڏايو ۽ اُن شهر کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. ان ڪري گهٽيئي هِندو جيڪي اَرڙهين عيسوي صديءَ جي شروعات واري زماني ۾ دادو ضلعي جي خداآباد ۽ پوءِ هالن وٽ نئين خداآباد ۾ رهندا هئا؛ اُهي لڏي اَچي حيدرآباد ۾ رهيا.

غلام شاهه جي حويلي ۽ دربار قلعي اَندر هوندي هئي. پر عام ماڻهو (هِندو توڙي مسلمان) قلعي کان ٻاهر وارين ايراضين ۾ رهندا

هئا. خدا آباد مان جيڪي هِندو عامل ۽ پائيبند لڏي اَچي حيدرآباد ۾ رهيا، تِن کي سرڪار قلعي کان ٻاهر شاهي بازار جي ڀرسان پلاٽ ڏنا، جتي جدا جدا آکهين ۽ برادرين جي هِندن پنهنجا مڪان اَڏايا. ان طرح اُنهن پلاٽن ۽ گهِٽين تي نالا بہ آکهين جي نالن پٺيان پيا.

ڏيري ڏيري قلعي کان ٻاهر پوءِ ٻيون ايراضيون بہ آباد ٿينديون ويون. حيدرآباد جي مڪانن جي مکيہ سڃاڻ هئي منگهہ يا بادگير، جيڪي پراڻي شهر ۾ گهڻو ڪري هر مڪان جي ڇت تي ٺهيل هوندا هئا. اُنهن جو منهن ڏکڻ-اولهہ طرف هوندو هئو، جتان سامونڊي ٿڌي هير منگهن ۾ داخل ٿي سڄي گهر کي ٿڌڪار پهچائيندي هئي. اَسان جي مڪان مٿان بہ اهڙو هڪ منگهہ ٺهيل هئو. مون کي هردوار ۾ پنڊن وٽ رکيل وهيون جاچيندي معلوم ٿيو تہ اَسان جا وڏا سنڌ ۾ اَول دادوءَ واري خدا آباد ۽ اُن جي ڀرسان ڦَڪن نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. پوءِ جڏهن حيدرآباد شهر غلام شاه ڪلهوڙي جي حڪومت دوران اَڏايو ويو تہ اُهي اَچي مکڪي گهِٽيءَ ۾ رهيا.

**جوَهراڻي:** **توهان چيو تہ ’جيٽلي‘ آکهہ وارا سارسوَت براهمڻ، پنجاب ۽ ڀين آس پاس وارن صوبن مان اَچي سنڌ ۾ رهيا هئا. ڇا ٻيا سنڌي هِندو بہ ان طرح سنڌ ۾ ٻاهران آيا هئا؟ ٻيو تہ سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت دوران هِندن جي حالت ڪهڙي هئي؟**

**جيٽلي:** رام! توهان ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي لکيل ’سنڌ جي هِندن جي تاريخ‘ جيڪا ٻن ڀاڱن ۾ شايع ٿيل آهي، اُها پڙهي هوندي. اُن ۾ انهيءَ اِتهاس تي تفصيلوار روشني وڌل آهي. سنڌ تي راجا ڏاهر جي زماني ۾ محمد بن قاسم جي اَڳوانيءَ ۾ عربن ڪاه ڪئي هئي ۽ سن ٧١٢ع ۾ راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي، سنڌ ۽ مُلتان جي گهڻي ايراضيءَ ۾ عربن جي حڪومت قائم ڪئي ويئي. ان ڪري عرب تاريخ دان سنڌ کي ’باب الاسلام‘ بہ سڏيندا آهن؛ جنهن جو مطلب آهي ’اِسلام جي داخل ٿيڻ جو دروازو‘. اُن کان اَڳ نہ فقط سنڌ پر پوري هِندوستان ۾ هِندو، ٻوڌ ۽ جين ڌرمن

جا پوئلڳ رهندا هئا. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت برپا ٿيڻ سان اُتي جي اَصلوڪن رهاڪن کي گهڻي ڀاڱي زوريءَ اِسلام مذهب ۾ آندو ويو.

کي ماڻهو وري اهڙا به هئا جيڪي لب لالچ ۽ سنگت جي اثر ڪري مسلمان بڻيا. ٻيا اَصلوڪا رهاڪو اهڙا هئا، جن پنهنجو ڌرم نه بدلايو. اُنهن تي حاڪمن جزيه ڏل وڌي. ٿيان سنڌ جا رهاڪو اُهي هئا، جيڪي پنهنجي ڌرم جي بچائڻ لاءِ سنڌ ڇڏي، ٻين وارين هِندو رياستن ۾ وڃي رهيا.

مغلن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زماني ۾ جڏهن سنڌ ۾ وري هِندو-مسلمان اِتحاد جو ماحول پيدا ٿيو، ته ٻين وارين ايراضين جا گهڻيئي هندو وري سنڌ ۾ اچي رهيا. انهيءَ هوندي به ڏسبو ته ١٩٤٧ع ۾ هِندوستان جي ورهاڱي وقت، سنڌ جي ڪُل آدمشماريءَ ۾ هِندو چوٿون حصو يعني پنجويهه سيڪڙو مس هئا. ٻئي طرف ڪُل آدمشماريءَ جو پنجهتر سيڪڙو ماڻهو مسلمان هئا. ان ڪري سنڌ صوبو سمورو پاڪستان اَندر شامل ڪيو ويو. ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ اَنگريزن جي حڪومت برپا ٿي ۽ ڇهن سالن بعد سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ اَندر شامل ڪيو ويو. سن ١٩٣٦ع ۾ انگريز سرڪار سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري، هڪ اَلڳ خود مختيار صوبي جو درجو ڏنو.

ان ۾ شڪ نه آهي ته سن ٧١٢ع کان وٺي ١٨٤٣ع تائين، ٻارهن صدين کان به وڌيڪ عرصو سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت هئي. انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ هِندو گهڻي قدر ڏٻيل ۽ هيسيل رهيا. ان جي گواهي اَسان کي سنڌي ساهتيه جي اِتهاس مان به ملي ٿي. مسلمان حاڪمن جي اَيامڪاريءَ ۾ سامي، دلپت، آسورام وغيره کي ڇڏي، ٻيا کي به هندو سنت شاعر روشنيءَ ۾ نه آيا. ٻئي طرف، انگريزن جي سنڌ ۾ حڪومت برپا ٿيڻ بعد هڪدم تعليم ۽ ساهتيه جي کيتر ۾ هِندو سنڌي ساهتيڪار پهرين صف ۾ اُڀري بيٺا. ڪنهن به جاتيءَ ۾ اهڙي تبديلي اَچانڪ نه ايندي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته مسلمانن جي اَيامڪاريءَ واري دور ۾ به سنڌي هِندو ساهتيڪار ۽ شاعر ضرور رهيا هوندا. اُنهن جون اَدبي

رچنائون يا تہ روشنيءَ ۾ نہ آيون آهن يا هميشه لاءِ زماني جي گردش ۾ ناس ٿي ويون آهن.

سنڌي ادب جي وچين دؤر (۱۸۴۳ع-۱۵۲۰ع تائين) ۾ اَسان کي رام ۽ ڪرشن جي ڀڳتيءَ ۾ رچيل سَگُڻ سنڌي شاعري بہ ڪانہ ملي آهي؛ جڏهن تہ اُن دور جي ٻين سڀني هاڻوڪين ٻولين (هِندي، گجراتي، مراٺي، راجستاني وغيره) ۾ سَگُڻ ڀڳتي ڪاويہ جهجهي تَعداد ۾ رچيو ويو آهي. ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ رامايڻ، مهاڀارت، شريمد ڀاڳوَت، پُراڻ جا اَنواد ۽ اُنهن جي آڌار تي رچيل ڀڳتي ڪاويہ بہ چڱي تعداد ۾ رچيا ويا آهن. ان دور ۾ سوامي پراڻناٿ (۱۶۹۴ع- ۱۶۱۸ع) جون سنڌيءَ جي ڪڇي اُپڀاشا ۾ رچيل ڇهہ سؤ کن چوپايون روشنيءَ ۾ آيون آهن، جن جو رچيندڙ سوامي پراڻ ناٿ سنڌ کان ٻاهر جام نگر جو رهاڪو هئو. ان قسم جو شعر سنڌيءَ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ بعد چڱي تعداد ۾ رچيو ويو آهي. انهيءَ مان بہ ثابت ٿئي ٿو تہ مسلمان حاڪمن جي اَيامڪاريءَ ۾ بہ اِنهيءَ قسم جون رچنائون سنڌي هِندن لکي، پنهنجن ڌرمي ڀاونائن جو اِظهار ضرور ڪيو هوندو. پر اَهڙو گهڻو ساهتيہ سلامت نہ رهيو آهي.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي وقت توهان جي عمر سورهن-سترهن کن سال هئي؛ ان مان ظاهر آهي تہ اُن وقت پيدا ٿيل حالتن جي اوهان کي سڌي ڄاڻ هوندي! اوهين پنهنجي تعليم ۽ نڌيڻ جي کن يادگيرين بابت ٻڌائيندا تہ بهتر ٿيندو!**

**جيٽلي:** ڀاءُ رام! اَسان جي گهر جو ماحول ٻي ٻولي، اَدب ۽ ساهت سان واسطو رکندڙ هو. انهن حالتن جو اثر ٻالڪپڻ ۾ ئي منهنجي من تي گهڻو پيو. پرائمري دستوري تعليم مون نو ودياليہ هاءِ اِسڪول جي هڪ برانچ ۾ ورتي، جيڪا اَسان جي گهِٽيءَ جي ويجهو ميان فقير جي پڙ وٽ هئي. اتي سڀ وشيہ سنڌيءَ ۾ پڙهندا هئاسين. پر گهر ۾ هِندي ۽ سنسڪرت جو واتاورڻ هو. منهنجو ڏاڏو، پنڊت ٽوپڻ لال سنسڪرت، هِندي، مراٺي، گجراتي ۽ بنگلا وغيره ٻولين جو ودوان هو. ان ڪانسواءِ هوُ مشهور وئديہ پڻ هو. هوُ چنديراماڻي گهِٽيءَ ۾ برپا ڪيل 'سنڌ مارتنڊ آيرويد ودياليہ' جو پرنسپال هو.

اُن وديالیہ ۾ سڄي سنڌ مان وديارٿي آيرويد جي تعليم وٺڻ لاءِ ايندا هئا. مشهور سنڌي ليکڪ اَرجن سِڪايل ۽ گووردن ناٿاڻي وغيره بہ ديسي طب جي تعليم ان وديالیہ ۾ ورتي هئي. وديارٿين کي پرياڳ وديا پيٺ جا اِمتحان ڏيارڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو هو. منهنجي پتا پنڊت ڪشنچند جيٽلي ۽ ٻن چاچن بہ ان وديالیہ ۾ آيرويد جو گيان پرائي، ڊگريون حاصل ڪيون.

انهيءَ ڪانسواءِ اَسان جي گهر ۾ هِندي ۽ سنسڪرت جو بہ گهڻو واهپو هو. منهنجي پِتا جن 'ڏيارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا' ۾ ان جي تعليم ورتي، جتي هڪ مهاراشٽر جو پنڊت ڪاشي ناٿ پاڌيئي، شاستري سنسڪرت پڙهائيندو هو. مان نوَن ڏهن سالن جو هوس تہ گهر ۾ هِندي ۽ سنسڪرت پڙهڻ شروع ڪئي. اَسين ٻار چنديراماڻي گهِٽيءَ ۾'سنڌ سارسوَت سنسڪرت پاٺشالا' ۾ رات جي وقت سنسڪرت پڙهڻ ويندا هئاسين. اُتي ناڳ ارجن (هِنديءَ جو مشهور ڪوي)، ڦٽيشوَر ريڻو (مشهور هِندي ساهتيڪار)، پنڊت ڪالورام وياس (جوڌپور جو مشهور سنسڪرت ودوان) وغيره پنڊتن جدا جدا وقتن تي هِندي ۽ سنسڪرت پاڙهي هئي. ان طرح سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي اَڀياس طرف منهنجي من جو لاڙو ڏهن کن سالن جي عمر کان ٿيو.

مون سيڪنڊري اِسڪول جي تعليم نوَلراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ ورتي. مان پهرئين انگريزي درجي ۾ هوس تہ اَسان جي اِسڪول ۾ راڄپال پُري فزيڪل ٽريننگ لاءِ مقرر ٿيو. هو هِندي بہ پاڙهيندو هو. هن جي ڪوشش سان شام جي وقت اِسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ هلندڙ رانديون، آر.ايس.ايس. جي شاخائن جو روپ اختيار ڪيو. انهيءَ ذريعي ننڍڙن ٻارن ۾ قومي ڀاونائون پيدا ڪرڻ لاءِ جدا جدا گهٽين ۾ گهٽن ئي هنڌن تي لئبرريون برپا ڪيون ويون. اهڙي هڪ لئبرري اَسان جي گهِٽيءَ وٽ بہ کولي ويئي، جنهن جي هلائڻ جي ذميواري منهنجي مٿان هئي. شام جو ٻہ کن ڪلاڪ لئبرري کوليندو هوس.

مون اُن عُمر ۾ واندڪائيءَ ۾ اٽڪل ڏيڍ-ٻہ سو سنڌي ڪتاب پڙهيا. اُنهن ۾ سندر ساهتيہ جو ٻال ساهتيہ (ٻال رامايڻ، ٻال شري

ڪرشن، ٻال مهاڀارت، هندو وير ٻالڪ)، سک شهيدن جا جيون چرتر، ديش ڀڳتن جون جيونيون راجپوت ويرن ۽ ديش ڀڳتن جون ڪهاڻيون وغيره هيون. مون کي پڙهڻ جو چشڪو ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ لڳو. سال ٻه گذريو تہ پڙهڻ جو ذائقو بہ بدليو. پوءِ چندرڪانتا، ڀوتناٿ، گل بڪاولي، چار درويش، ممتاز دمساز، بليڪ جاسوس، شرلاڪ هومز، اَميليا ڪارٽر وغيره عيارن ۽ جاسوُسن جا ڪتاب گهڻي ڪشش ڪرڻ لڳا.

ان طرح ننڍي عمر ۾ ئي راندين بدران ساهتيہ پڙهڻ منهنجي وندر جو مکيہ ذريعو بڻجي پيو. اونهاري ۽ سياري جي وئڪيشن ۾ ناناڻن ۾ وڃي رهندو هوس تہ قصن-ڪهاڻين جي ڪتابن جا ٿيلها ساڻ هوندا هئا. منهنجا ناناڻا مانجهند ۾ رهندا هئا، جيڪو لاڪا ۽ سن جي وڃهو ننڍو ڳوٺ آهي. سن ١٩٣٩ع ۾ ڏياريءَ جي وئڪيشن ۾ مانجهند ۾ سنت ڪنوررام جي آخري ڀڳت ڏسڻ جو موقعو مليو. اُن ڪانپوءِ ١- نومبر تي هُن کي ’رُڪ‘ ريلوي اِسٽيشن تي ڪن خبيثن گوليون هڻي شهيد ڪيو.

**جوَهراڻي:** **ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ اوهان ڪو حصو ورتو؟**

**جيٽلي:** مون کي ١٩٤٢ جي ’ڪئٽ اِنڊيا‘ هلچل چٽي ياد آهي. مان ٻارهن سالن جو هوس. ڪلاسن ۾ اَسان شاگردن پڙهيو ويٺي تہ اَچانڪ ڇهين - ستين انگريزي درجن جا شاگرد ڪلاس ۾ گهڙي آيا ۽ ماستر کي چيائون تہ اڄ هڙتال آهي. اِسڪول بند ڪريو. ماستر نہ مڃيو تہ اَسان ننڍڙن شاگردن کي هنج ۾ کڻي ڪلاسن مان ٻاهر وٺي ويا. اِسڪول مان ٻاهر ڪڍي ڦاٽڪ بند ڪري ڇڏيائون. اُتي پوليس اچي پهتي، جنهن شاگردن تي لاٺي چارج ڪئي. ڪن کي گرفتار ڪري پوليس ٿاڻن تي وٺي وڃي ڦٽڪن جي سزا ڏنائون. ٻين ڪن شاگردن کي ننگو ڪري برف جي نادين تي سُمهاري ٻڌي ڇڏيائون. اهي نظارا مون پاڻ اکين سان ڏٺا. وڏا شاگرد اَسان ٻارن کي گهڻو ڪري سائڪلو اِسٽائيل ڪيل بُليٽنون ڏيندا هئا، جيڪي اَسين لِڪي ڇپي وڃي دوڪانن ۽ گهرن ۾ ورهائيندا هئاسين. وڏا شاگرد ٽپال جي ڊبن ۾ فاسفورس وجهي ڊاڪ جلائڻ ۽ ٻيا ٽوڙ ڦوڙ جا ڪم بہ ڪندا هئا.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي جي وقت جون ڪجھ يادگيريون ٻڌايو.**

**جيٺلي:** آگسٽ ١٥ تاريخ سال ١٩٤٧ع ۾ ڀارت کي انگريزن آزاد ڪيو. ان سان گڏ هُنن مُلڪ کي ٻن حصن، ڀارت ۽ پاڪستان ۾ ٻه ورهائي ڇڏيو. پنجاب ۽ بنگال صوبن جي مسلم گهڻائيءَ وارن علائقن کي الڳ ڪري، هڪ نئين مُلڪ پاڪستان کي وجود ۾ آندو ويو. جيئن ته سنڌ صوبو مسلم گهڻائيءَ وارو آهي، ان ڪري اُن کي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو. انگريزن جي انهيءَ فيصلي جو اعلان مارچ-اَپريل ١٩٤٧ع ڌاري ٿي چڪو هو. ان ڪري مسلمانن جي گهڻائي وارين ايراضين ۾ هِندن کي مارڻ ۽ ڀڄائڻ لاءِ دنگا فساد شروع ٿي ويا ۽ ٻئي طرف وري هِندن جي گهڻائيءَ وارن علائقن ۾ مسلمانن جي مٿان مارو شروع ٿي ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو ورهاڱي جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ ئي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي.

اُنهيءَ سال مان مئٽريڪيوليشن ڪلاس (يعنيٰ انگريزي ستون درجو) ۾ هوس. اَسان جو ڪلاس ٽيچر شري جيوترام مسند هو. مون ماستر کان سوال پڇيو، ته

”سائين! اَسان جو سنڌ صوبو پاڪستان اَندر شامل ڪيو ويو آهي. مطلب ته هِتي هاڻي اِسلامي حڪومت شروع ٿيندي. پوءِ اَسين هِندو هِتي ئي رهنداسين يا اَسان کي سنڌ ڇڏڻي پوندي؟“

ماستر ٻه سهڄ سڀاءُ ٿي اهو جواب ڏنو ته اَسين هِندو جيئن اڳئين زماني ۾ مسلمانن جي حڪومت ۾ رهندا هئاسين، تيئن هاڻي ٻه رهنداسين. فرق فقط اِهو ٿيندو ته هاڻي آرتوار تي موڪل ملي ٿي، پوءِ جمعي ڏينهن اِسڪول بند ٿيندو.

مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي ته اَسين اونهاري جي وئڪيشن ختم ٿيڻ بعد جڏهن اِسڪول ۾ وياسين ته ڇا ڏسون ته هرهڪ ڪلاس روم ۾ ڀارت مان لڏي آيل مسلم پناه گيرن جا پريوار ويٺا هئا. هُنن ميزون، ڪرسيون، بينچ وغيره پچي، ٻاهر راند جي ميدان تي ڪاٺيون ڍير ڪري رکيون هيون. اُتي سِرون رکي چُلها ناهي، اُنهن ۾ فرنيچر جون ڪاٺيون جلائي، چُلهن تي ديگڙا رکي ويني

ڪاڏو رڌائون. اَسين پرنسپال وٽ سندس ڪمري ۾ وياسين. اُن وقت رامسنگهه آڏواڻي اڪيڊميءَ جو پرنسپال هو. هوُ ويچارو ڊپ جي ڪري هيسيل، مجبور ٿي پنهنجي ڪمري ۾ وينو هو. اَسان شاگردن ڪانئس پڇيو ته

”سائين هاڻي اِسڪول کلندو يا نه؟“

هن جواب ڏنو ته اِسڪول وري کولڻ جا آثار نظر نٿا اچن. جن کي کپي اُهي پنهنجا اِسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ وٺي وڃن. اَسين به لاچار پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺي اچي گهرن ۾ آرامي ٿياسين. حالتون اهڙي تيزيءَ سان بدلجي ويون، جو آگسٽ ڌاري ئي سنڌ مان وڏي پيماني تي هِندو لڏي پارٽ ڏانهن وڃڻ لڳا. اُن وقت گهڻن هندن اِهو ئي سمجهيو پئي ته ٿوري وقت ۾ ئي حالتون وري ساڌارڻ ٿي وينديون ۽ اَسين موٽي اچي پنهنجن گهرن ۾ رهنداسين. اَسان جي ڪٽنب وارا به سيپٽمبر - آڪٽوبر ١٩٤٧ ۾ جدا جدا ٽولين ۾ سنڌ مان نڪتا.

**جوَهراڻي:** **اَسان جا اَديب ۽ ساهتيڪار بار بار اِها ڳالهه چوندا رهيا آهن ته سنڌ علائقو صوفين، درويشن ۽ سنتن جو ديش آهي، جتي هِندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ اَمن و اَمان سان رهندا هئا. هوُ هڪ ٻئي جي ڏُک سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار هئا. پوءِ هِندن کي ڇا جو ڊپ هو، جو هوُ سنڌ مان لڏڻ لڳا؟**

**جيٽلي:** منهنجي ويچار ۾ سنڌ ۾ سؤ في صدي اَمن و اَمان هو؛ اِهو سوچڻ صحيح نه آهي! ها، ايترو چئي سگهجي ٿو ته نارٿ-ويسٽ فرنٽيئر پراونس (NWFP)، پنجاب، بنگال، بهار وغيره جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ شانتيءَ جو ماحول وڌيڪ هو. تاريخ گواه آهي ته سنڌ ۾ به مسلم ليگ جي زور وٺڻ بعد ورهاڱي کان اڳ ئي ڪجهه هنڌن تي دنگا فساد ٿيا هئا. جيئن ته سکر ۾ منزل گاه جي سوال تي دنگا ٿيا؛ سنت ڪنور کي فرقه پرستن گولين هڻي شهيد ڪيو؛ هاسارام پمناڻي ۽ اَلله بخش سومري کي گولين جو شڪار بڻايو ويو؛ نيٺورام شرما کي ڇرا هڻي ماريو ويو. ١٩٤٥ ڌاري حيدرآباد ۾ قلعي جي شاخا تي مسلمانن حملو ڪيو.

ورهاڱي بعد لکن جي تعداد ۾ مهاجر مسلمان اچي سنڌ جي شهرن ۾ ڀاهڙ ٿيا. اُهي لڏي ويل هِندن جي بند ٿيل مڪانن جا تالا ٽوڙي، زوريءَ وڃي مڪان والاري ويٺا. اهڙي اُره زوراوَريءَ ۾ خود پوليس عملدار ۽ اختياريءَ وارا بہ مهاجرن جا مددگار هئا.

ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ ٻيا سنت مهاتمائون توڙي سماج سڌارڪ، جن سنڌ مان لڏڻ نٿي چاهيو؛ اُنهن کي بہ اُن دور جي پيدا ٿيل حالتن ڪان مجبور ٿي سنڌ ڇڏڻي پيئي. اُنهن جي مدد ڪرڻ ۾ سرڪاري بالا عملدار بہ ڄڻ لاچار ٿي پيا. سرڪار، هوندراج 'دُکايل' ۽ تيرٿ بسنت وغيره سماج جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندڙن کي ڀارت جا جاسوس ۽ ڇاڙتا ليکي جيلن ۾ نظربند رکيو. حرن، سنڌي هندو زميندارن ۽ شاهوڪارن جا قتل ڪيا ۽ سندن ملڪيتون لُٽيون. ڇا انهيءَ کي اَسين صوفيانہ ماحول سڏي سگهنداسين!

رام! ورهاڱي واري دور ۾ مون بہ ساهس ۽ همت جو اهڙو هڪ ڪم ڪيو، جنهن جو هِتي ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. مان ڊسمبر ۱۹۴۷ ۾ 'آبو روڊ' مان اڪيلو حيدرآباد سنڌ ويس. فقط ان لاءِ تہ گهر ۾ رکيل ناياب ڪتاب هِندوستان کڻي اَچان. سترهين- اَرڙهين ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ دنگا فساد ٿيا، جيڪي اکئين ڏٺم. ان جي تصوير مون 'سنڌو جوت' مخزن جي يادگيرين واري انڪ ۾ پيش ڪئي آهي. ڊسمبر جي آخرين هفتي ۾ ڪتابن جا ڏه ڪوڪا ڀري، پنهنجي سؤٽ گوبند جي مدد سان واپس اچي آبو روڊ پهتس. ان طرح ڪتابن جي موه ڪري پنهنجي جان جوکي ۾ وِڌم. مونکي نٿو سُجهي تہ ٻئي ڪنهن بہ سنڌيءَ اُن دور ۾ جڏهن هزارين هِندو سنڌ مان لڏي ڀارت ۾ پئي آيا، تڏهن اڪيلي سِر فقط ڪتاب کڻي اچڻ لاءِ واپس سنڌ ڏانهن وڃڻ جهڙو خطرو پنهنجي سِر تي کنيو هوندو. اُنهن ڪتابن مان ڇڱا ئي ڪتاب اڃا تائين پاڻ وٽ ساه سان سانڍي رکيا اَٿم!

سنڌ مان منهنجي نڪرڻ ڪانپوءِ، ٦ - جنوري ۱۹۴۸ع تي ڪراچيءَ ۾ سخت فساد ٿيا. انهن ۾ سنڌي هِندن جي جان ۽ مال جو گهڻو نقصان ٿيو. وري ٢٦ جنوري ۱۹۴۸ع تي حيدرآباد ۾ بہ سنڌي هِندن جي گهرن جي ڦرلٽ ڪئي ويئي. ان ۾ نہ فقط مهاجر

مسلمان شامل هئا، پر گھڻن ئي سنڌي مسلمانن جو ٻه هٿ هو. اهڙا مِثال تمام گھڻ ۽ آڳرين تي ڳڻڻ جيترا مس ملندا، جتي سنڌي مسلمانن هِندن جي جان ۽ مال ملڪيت جي حفاظت ڪئي.

هِتي انهيءَ حقيقت طرف به ڌيان ڇڪائيندس ته جڏهن سنڌي هِندو سنڌ مان لڏي پئي نڪتا ته اُنهن جي سامان جي تلاش ورتي ويندي هئي. اُن وقت تلاشي وٺندڙ پوليس عملدار گھڻو ڪري سنڌي هئا. اُهي تلاشيءَ ۾ من ماني ڪري، جيڪو سامان ڪين پسند ايندو هو، اُهو ڪڍي پاڻ وٽ رکندا هئا. ان ڪري اِهو سمجھڻ ته سيني سنڌي مسلمانن جو لڏيندڙ هِندن سان همدرديءَ وارو وهنوار هو، اهو ٺيڪ نه آهي.

**جوَهراڻي:سنڌ مان لڏڻ بعد اوهين ڪٿي اچي رهيا ۽ وڌيڪ تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟**

**جيٽلي:** حيدرآباد مان نڪرڻ بعد مان ڪجھ وقت جوڌپور، سوجت روڊ ۽ آبو روڊ ۾ هُئس. لڏپلاڻ جي ڪري مارچ ۱۹۴۸ع ۾ مئٽرڪ جو اِمتحان نه ڏيئي سگھيس. منهنجا ٻه چاچا ۽ ڪجھ ٻيا ويجھا مٽ مائٽ، ٻڙودا ۾ اچي رهيا هئا. اُتي لڏارام موهنداس ۱۹۴۸ع ۾ ئي سنڌي ٻارن لاءِ هاءِ اسڪول کوليو هو. هوُ سنڌ ۾ حيدرآباد ۾ ’گرداس مل هاءِ اِسڪول‘ جو پرنسپال هو. اُن وقت منهنجا ماتا پِتا ۽ ڀائر ۽ ڀيڻ آبو روڊ ۾ هئا. مان اڪيلو ئي ٻڙودي ۾ وڃي پنهنجي چاچي ۽ ماسڙ وٽ رهيس. آئوٽرام ڪئمپ ۾ رهي، لڏارام اِسڪول ۾ داخلا ورتي.

مارچ ۱۹۴۹ ۾ ايس.ايس.سي. بورڊ، پوني جو يارهين درجي جو اِمتحان ڏنم. اُن بعد اَسان جي پريوار وڃي پوني ۾ ٺاٺو نڪاٽو ڪيو. منهنجي ڪاليج جي پڙهائي ايم.اي. ۽ ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري تائين پونا يونيوَرسٽيءَ جي آهي. ۱۹۵۰ع کان وٺي ۱۹۶۰ع تائين نوين هِند هاءِ اِسڪول ۾ هِندي ۽ سنسڪرت جو ماستر هوس، ته ساڳئي وقت ڪاليج ۾ به پڙهندو هوس. ۱۹۶۰ کان ۱۹۶۴ تائين ڊيڪن ڪاليج پوني ۾ ريسرچ فيلو مقرر ٿيس. اُتي ’سنڌي ڀاشا ۾ شبد رچنا‘ وشيه تي تحقيق ڪري

مقالو پيش ڪيم، جنھن تي ۱۹٦۵ ۾ Ph.D. جي ڊگري حاصل ٿي. ڀارت جي ڪنھن بہ يونيوَرسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪري Ph.D. ڊگري حاصل ڪندڙ مان پھريون سنڌي ريسرچ فيلو آھيان. انھيءَ کان ھڪ سال اڳ لڇمڻ خوبچنداڻيءَ سنڌي ۽ ھِنديءَ تي تحقيق ڪري، آمريڪا مان Ph.D. ڊگري حاصل ڪئي ھئي. اُن بعد ھوُ ڊيڪن ڪاليج جي سنڌي ڀاشا وگيان وڀاڳ ۾ ريڊر مقرر ٿيو، جتي 'سنڌي-انگريزي جامع ڊڪشنري' تيار ڪرڻ جي پراجيڪٽ شروع ڪئيسين. افسوس اِن ڳالھہ جو آھي تہ اھا پراجيڪٽ اڃا تائين پوري ڪانہ ٿي سگھي آھي.

۱۹٦۴ع کان ۱۹٦٦ع تائين ٻہ سال مان آر.ڪي. تلريجا ڪاليج اُلھاس نگر ۾ ھِنديءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس. ان دور ۾ ٺئي صبوح جو يارھين بجي تائين ڪاليج جي ڊيوٽي پوري ڪري، منجھند جو بمبئيءَ ويندو ھوس. اُتي 'ھِندواسي' ھفتيوار اخبار ۾ پارٽ ٽائيم سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندو ھوس. چيف ايڊيٽر، شري مانسنگھہ چوھڙمل ھو. اُن زماني ۾ ھيرانند ڪرمچند، جيرامداس دولترام، ڄڳت آڏواڻي وغيره آزاديءَ جي آندولن ۾ حصو وٺندڙن ۽ سنڌي ساھتيڪارن سان ويجھو رِشتو ناتو ٻڌيو. مان فبروري ۱۹٦٦ع ۾ دھلي يونيوَرسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار ۽ پوءِ ريڊر مقرر ٿيس. اتي لڳاتار اوڻٽيھن سالن کان سنڌي ٻولي ۽ ساھتيہ، اُنھيءَ جي تقابلي اَڀياس ۽ سنڌ جي تاريخ وغيره وشين تي سنڌي، ھندي ۽ انگريزيءَ ۾ لکندو رھيو آھيان. پنجويھہ کن ڪتاب ۽ ھڪ سؤ کان مٿي ليک ۽ مقالا شايع ٿي چڪا آھن. منھنجي نگرانيءَ ۾ پنج شاگردن ريسرچ ڪري Ph.D. جي ڊگري حاصل ڪئي آھي. ان کانسواءِ پندرھن کن شاگردن جي Ph.D. لاءِ لکيل مقالن جو مان ممتحن (Examiner) بہ رھيو آھيان؛ جن ۾ ڀارت جي يونيوَرسٽين جا توڙي سنڌ جي يونيوَرسٽين جا شاگرد شامل آھن.

**جوَھراڻي:** **جيٺلي صاحب! اَوھان جو سٺ کان بہ وڌيڪ سالن تائين سنڌي تعليم سنڌي ٻولي ۽ ساھتيہ جي کوجنا ڪرڻ سان سنبنڌ رھيو آھي. مھرباني ڪري ٻڌايو تہ ڀارت ۾ سنڌي تعليم جي ھِن**

**وقت ڪهڙي حالت آهي؟ ڀارت ۾ سنڌي تعليم جو مستقبل روشن آهي يا نه؟**

**جيٽلي:** رام! توهان جيڪي سوال پڇيا آهن؛ اُهي سچ پچ نهايت ئي اَهم آهن. انهن تي سنڌي تعليمدانن ۽ مفڪرن چڱي وقت ڪان وٺي پئي سوچيو آهي. ملڪ جي آزاديءَ کي ٽيهٺ سال ٿي چڪا آهن. اَچو ته انهيءَ دور جي اِتهاس تي ڪجهه ويچار ڪريون. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ (Constitution) ۾ تسليم نه ڪيو ويو. ان کي آئين ۾ ١٠ اَپريل ١٩٦٧ع تي شامل ڪيو ويو. اهي شروعاتي ويهارو سال سنڌي تعليمدان ۽ ساهتيڪار لڳاتار سنگهرش ڪندا رهيا ته سنوِڌان ۾ ٻين مکيه ڀاشائن سان گڏ، سنڌي ڀاشا کي ٻه اَٺين شيڊيول ۾ جڳهه ڏني وڃي. سنڌي تعليمدانن ڀارت ۾ اچڻ شرط، اُنهن هنڌن تي سنڌي اِسڪول کوليا، جتي سنڌي جهجهي تعداد ۾ اچي رهيا هئا. جيئن ته سنڌ صوبي جا اِسڪول ورهاڱي کان اڳ بمبئي يونيوَرسٽيءَ سان لاڳو هئا، ان ڪري مهاراشٽر ۽ گجرات ۾ جيڪي سنڌي اِسڪول کوليا ويا، اُهي بمبئي يونيوَرسٽيءَ جي مقرر ڪيل سِلَبَس موجب (سال ٻن بعد سيڪنڊري اسڪول بورڊ برپا ٿيڻ تي اُن جي مقرر ڪيل پائيه ڪرم موجب) تعليم ڏيڻ لڳا. راجستان، اُتر پرديش، مڌيه پرديش وغيره پرانتن ۾ اُنهن پرانتن جي سيڪنڊري بورڊ جي مقرر ڪيل پائيه ڪرم موجب تعليم جي شروعات ڪئي ويئي ۽ سڀني وشين (تاريخ، جاگرافي، حساب، سماج شاستر وغيره) جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ تيار ڪرائي ڇپايا ويا. اهو سلسلو اٽڪل ٽيهارو کن سال گهڻي جوش سان ۽ زور شور سان جاري رهيو. پر پوءِ آهسته آهسته اِها ڀاونا زور وٺندي ويئي ته ڀارت ۾ ٻارن جو آئينده انگريزي، هِندي پڙهڻ سان روشن ٿيندو. ان طرح گهڻا مائٽ پنهنجن ٻارن کي انگريزي ميڊيم جي اِسڪولن ۾ تعليم ڏيارڻ لڳا.

نتيجو اِهو نڪتو آهي جو سال ٢٠١٠ع تائين سنڌي ماڌيم سان تعليم ڏيڻ وارا اِسڪول آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس وڃي رهيا. هاڻي سنڌي سنسٿائن طرفان هلندڙ اِسڪولن ۾ ٻه گهڻن هنڌن

تي سنڌي ميڊيم بند ڪري، اُن جي جاءِ تي انگريزي ميڊيم اِسڪول هلايا پيا وڃن. ڪن سنڌي سنستائن پنهنجن اِسڪولن ۾ سنڌي ماتر ڀاشا وارن ٻارن لاءِ سنڌي وشيہ جي پڙهائي لازمي ڪئي آهي. ان طرح ڏسبو تہ گذريل سٺ ڪن سالن ۾ سنڌي تعليم جي سِرشتي کي گهڻو ڌڪ لڳو آهي. موجوده حالتن ۾ اهو گهڻو پنتي پئجي ويو آهي.

**جوَهراڻي:** **گهڻن سنڌي تعليمدانن جو رايو آهي تہ عربي-سنڌي ۽ ديوناگري-سنڌي لِپيءَ جي جهيڙي سبب سنڌي تعليم ڏيندڙ گهڻا اِسڪول بند ٿي ويا آهن. ان باري ۾ توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟**

**جيٽلي:** منهنجي ويچار ۾ اهو جهيڳڙو چاهي شروع نہ بہ ٿئي ها، تہ بہ انگريزيءَ جي اثر ڪري سنڌي ماڌيم سان تعليم ڏيندڙ اِسڪول ٻاٽمرادو بند ٿيندا وڃن ها. ڀارت ۾ اڄا تائين انگريزيءَ جو بول بالا آهي. اُنهيءَ جي وڌندڙ اثر ڪري هِندي، مراٺي، گجراتي وغيره ٻين مڪاني ٻولين ذريعي تعليم ڏيندڙ اِسڪولن جو تعداد بہ گهڻو گهٽجي ويو آهي. سماج جي اوچ طبقي (Elite Class) جا ماڻهو اِهو ئي سوچين ٿا تہ انگريزي ميڊيم سان پڙهندڙ ٻارن جو مستقبل روشن ٿيندو. اُهي U.P.S.C. وغيره طرفان هلندڙ چٽاڀيٽين وارن اِمتحانن ۾ ڪامياب ٿي وڏن سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيندا. M.B.A. وغيره اِمتحان پاس ڪري خانگي ديسي ۽ وديسي ڪمپنين ۾ وڏن عهدن تي رسي گهڻو ئي ڪمائي سگهندا.

**جوَهراڻي:** **اِهو ٻڌايو تہ ڀارت ۾ سنڌيءَ لاءِ عربي-سنڌي ۽ ديوناگري-سنڌيءَ مان ڪهڙي لِپي فائديمند آهي؟**

**جيٽلي:** ڀارت ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٽيهٺ ڪن سالن جي گذرڻ بعد موجوده دور ۾ اِسڪول ۾ پڙهندڙ سنڌي ماترڀاشي وديارٿين جا جيڪڏهن انگ اکر جاچيون، تہ هڪدم ظاهر ٿي پوندو تہ ٽيهن-پنجٽيهن ڪن سالن جي سنڌي جوانن ۾ ڪُل تعداد جو هڪ سيڪڙو بہ سنڌي جوان مُشڪل ملندا، جن کي عربي سنڌي لکاوٽ لکڻ پڙهڻ اچي

ٿي. ٻئي طرف سڄي ڀارت جي سيني پرانتن ۾ جتي جتي سنڌي ٻار انگريزي يا مڪاني اِسڪولن ۾ تعليم وٺن ٿا، اُتي ڪين هِندي ڀاشا لازمي طور پڙهڻي پوي ٿي. جيئن تہ هِندي ڀاشا ديوناگري لِپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي، ان ڪري سيئي ٻار انهيءَ لِپيءَ جي ڄاڻ دستوري تعليم ۾ حاصل ڪن ٿا. ان ڪري جيڪڏهن سنڌي ٻولي ڀارت ۾ ديوناگري لِپيءَ ۾ لکي ويندي تہ اُن ۾ شايع ٿيل ڪتاب سيئي نوجوان سنڌي پڙهي سگهندا. اها لِپي نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌين کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکڻ جو اهم رول اَدا ڪري سگهي ٿي.

**جوَهراڻي:** **جيٽلي صاحب، جيڪڏهن اَسين سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لِپي اَپنايون تہ پوءِ اَسان جا نوجوان پيڙهيءَ جا سنڌي ٻار، عربي-سنڌي اکرن ۾ شايع ٿيل هزارين ڪتاب پڙهڻ کان محروم ٿي ويندا. ٻئي طرف سنڌ ۾ جيڪو سنڌي ساهت شايع ٿئي پيو، هوُ اُهو بہ نہ پڙهي سگهندا. ان طرح اُهي پنهنجي اَدبي وراثت کان بلڪل ڪٽجي ويندا. ان بابت توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟**

**جيٽلي:** ڀاءُ رام! اوهان جو چوڻ بلڪل درست آهي تہ اَسان جو گهڻو ساهتيہ عربي-سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهي ۽ ڇپجي پيو. سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ سمورو سنڌي ساهتيہ انهيءَ لِپيءَ ۾ آهي. انهيءَ سوال تي منهنجو چوڻ اِهو آهي تہ سنڌي ساهتيہ جون چونڊ شاهڪار رچنائون (جهوني دور جون چاهي هاڻوڪي دور جون) اهي اَسان کي ديوناگريءَ ۾ ڇپائي ميسر ڪرڻ گهرجن. ان ۾ درسي ڪتاب توڙي عام پڙهندڙن جي چاه جا ڪتاب (شاعري، ناوَل، ڪهاڻيون، ناٽڪ، جيون چرتر، اِتهاس وغيره) بہ شامل ڪرڻ گهرجن. اِن جو مقصد اِهو آهي تہ جيڪي عربي-سنڌي نٿا ڄاڻن، اُهي پڻ اُنهن ڪتابن ذريعي پنهنجي اَدبي وراثت ۽ اِتهاس ۽ موجوده دؤر جي رچنائن کان واقف ٿي سگهندا.

انهيءَ سلسلي ۾ منهنجو اِهو رايو آهي تہ جيڪي نوجوان سنڌي پنهنجي ٻولي ۽ اَدب جو گهرو اَڀياس ڪرڻ چاهين ٿا، يا اُنهيءَ ۾ Ph.D. لاءِ ريسرچ ڪرڻ چاهين ٿا؛ اُنهن کي عربي-سنڌي لکاوت

لکڻ ۽ پڙهڻ جو اَڀياس ڪرڻ لازمي آهي. اُن کان سواءِ هنن جو بنياد ڪمزور ٿي رهيو آهي. هِتي اَسين پنجابي ڀاشا جو مِثال کڻون. پاڪستان ۾ پنجابي ٻولي اُردو لکاوٽ ۾ لکي ويندي آهي. ٻئي طرف اها ڀارت ۾ گرمکي صورتخطيءَ ۾ لکي وڃي ٿي. پاڪستان جا ريسرچ اِسڪالر جيڪڏهن ڀارت ۾ شايع ٿيل پنجابي ساهتيہ پڙهڻ چاهين، تہ اُهي گرمکي لپي سکي، ڀارت ۾ شايع ٿيل پنجابي ساهتيہ جو اَڀياس ڪن ٿا. ٻئي طرف ڀارت جا پنجابي اِسڪالر اُردو لکاوٽ سکي، پاڪستان جي پنجابي ساهتيہ جو مطالعو ڪيا ڪن. ساڳيءَ طرح ٻنهي مُلڪن جا سنڌي ريسرچ اِسڪالر بہ اها وات وني سگهن ٿا. اِها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ اهڙن تحقيقي اَڀياس ڪندڙن جو تعداد تمام محدود آهي. ان لاءِ اَسين سيني عام سنڌي پاٺڪن تي ڇو پابندي لڳايون تہ اوهين عربي سنڌي لکاوٽ ضرور سکو، پوءِ اُن ۾ شايع ٿيل سنڌي ساهتيہ پڙهو. مون کي پنهنجو شخصي آزمودو آهي تہ اَسان نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌي ٻارن کي عربي-سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪلاس هلايا. شروعات ۾ ٻارن ۾ گهڻو جوش ۽ اُتساه هو: جيڪو ڏيري ڏيري گهٽبو ويو. اهڙن ڪلاسن ۾ پڇاڙيءَ جو فقط اَٺ ڏه شاگرد ئي وڃي بچندا هئا. اُهي بہ سکڻ کان پوءِ جيڪڏهن لڳاتار انهيءَ لکاوٽ جي لکڻ پڙهڻ جي مشق نہ ڪندا هئا، تہ ٻن ٽن مهنن بعد جيڪو پڙهندا هئا، سو سڀ وسري ويندو هون. ان ڪري جن کي شوق آهي يا کوجنا ڪرڻي آهي، سي ڀلي عربي-سنڌي ۽ ٻيون بہ لکاوٽون سکن.

هِتي مان دهلي يونيوَرسٽيءَ جي ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ جو مِثال ڏيندس. هن 'سنڌي ڀاڪن جو ڀاشا وگيانڪ، سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اَڀياس' وشيہ تي کوجنا ڪري، تحقيقي مقالو لکيو آهي، جيڪو ديوناگري سنڌيءَ ۾ آهي. ان مقالي جو عربي-سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪرائي، سنڌي لئنگويج اَٿارٽي حيدرآباد، سنڌ طرفان تازو ٢٠١٠ع ۾ اهو شايع ڪيو ويو آهي. ان ٿيسز جي اُتي تمام گهڻي ساراه ٿي آهي. ان طرح سنڌ جا ساهتيڪار ڀارت ۾ ديوناگري-سنڌيءَ ۾ شايع ڪيل ڪيا بہ اَصلوڪا

تحقيقي ڪتاب سنڌ ۾ اُلٽو ڪرائي ڇپائي سگهن ٿا. گيان ۽ علم کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابہ مقرر حد نہ آهي. جن کي چاھ آهي تہ اُنھن کي راھ پاڻمرادو ملي ويندي. سنڌ جا ڪي عالم ، عبدالڪريم سنديلو ۽ تنوير عباسي وغيرہ ديوناگري لِپي بہ لکي پڙهي سگهندا هئا.

**جوَهراڻي:** **ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل تي ڪجهہ روشني وجهندا !**

**جيٽلي:** ان ۾ شڪ نہ آهي تہ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو ڪو بہ ڀاشائي علائقو نہ آهي. اُن جا ڳالهائيندڙ بہ هن ديش ۾ تمام محدود آهن، جيڪي جدا جدا ڀاشائي ڪيترن ۾ رهندڙ آهن. ان ڪري سنڌي ڀاشا جي سڀاويڪ طور وڪاس ۾ گهڻيئي رڪاوٽون پيدا ٿي ويون آهن. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ تسليم ٿيل هاڻوڪين ڀاشائن ۾ فقط بہ ڀاشائون اُردو ۽ سنڌي ئي آهن، جن کي هن وشال ديش ۾ پنهنجو ڪوبہ خاص ڀاشائي ڪيتر نہ آهي. پر سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾ اُردوءَ جي حالت گهڻي بهتر آهي. جمون ۽ ڪشمير راجيہ جي سرڪاري ڀاشا طور بہ اردو، تسليم ٿيل آهي. ان ڪانسواءِ دهلي، اُتر پرديش، بهار، آنڌر پرديش ۾ اُها راجيہ جي ٻي ٻوليءَ طور بہ منظور ڪيل آهي. اُردوءَ جي وڪاس لاءِ عليگڙھ مسلم يونيوَرسٽي، عثمانيہ يونيوَرسٽي، مولانا اَبو الڪلام آزاد اُردو يونيوَرسٽي ۽ ٻيون بہ گهڻيئي يونيوَرسٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. اُنهيءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ يونيوَرسٽي ۽ سرڪاري سطح تي نالي ماتر ڪم مس شروع ڪيو ويو آهي. دهلي يونيوَرسٽيءَ ۾ ١٩٦٦ ۾ ليڪچرر طور مقرر ٿيڻ کان پوءِ، سرڪاري سطح تي سنڌيءَ جي وڪاس لاءِ شروع ڪيل گهڻين ئي يوجنائن سان منهنجو سنبنڌ رهيو آهي.

١٩٧٥ع ۾ سينٽرل هِندي ڊئريڪٽوريٽ، نئي دهليءَ ۾ مرڪزي سرڪار جي تعليم کاتي هڪ سنڌي يونٽ برپا ڪيو. ان لاءِ هڪ صلاحڪار ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، جنهن جو مان هڪ ميمبر هوس. سال ١٩٨٩ع کان وٺي ١٩٩٤ع تائين مان اُنهيءَ ڪاميٽيءَ جو وائيس چيئرمن بہ هوس. ان يونٽ طرفان سنڌيءَ جي واڌاري

لاءِ گھڻيئي يوجنائون شروع ڪيون ويون، جيڪي اڄ تائين هلندڙ آهن. ان صلاحڪار ڪاميٽيءَ جي زوردار گھُر ڪرڻ بعد ئي سال ١٩٩۴ ۾ ’راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد‘ (National Council for Promotion of Sindhi Language) برپا ڪئي ويئي. اُن طرفان سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي واڌاري لاءِ گھڻيئي يوجنائون هلندڙ آهن. ان کان سواءِ جن پرانتن ۾ سنڌي گھڻي تعداد ۾ رهندڙ آهن، اُتي راجيہ سرڪارن طرفان سنڌي اَڪادميون بہ برپا ڪيون ويون آهن. اهي راجيہ آهن: مهاراشٽر، گجرات، راجستان، اُتر پرديش، مڌيہ پرديش، ڇتيسڳڙهہ ۽ دهلي. ڀارت سرڪار مئنارٽي ڪميشن بہ برپا ڪئي آهي، جيڪا سنڌي ڀاشا جي وڪاس لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

منهنجي ويچار ۾ سرڪاري سطح تي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي واڌاري لاءِ گھڻيئي يوجنائون عمل ۾ آيون آهن. پر جيستائين اَسان بنياد کي، پاڙن کي مضبوط نہ ڪيو آهي، تيستائين تسلي بخش واڌارو نہ ٿيندو. اهي پاڙون آهن: ڪٽنب، پريوار (Family). ڪٽنب هڪ اهڙو ننڍو ۽ شروعاتي ايڪو (Unit) آهي، جتي ٻار جنم وٺڻ کان پوءِ ٻولي، پنهنجي ماترڀاشا سکي ٿو ۽ ٻيا گھڻيئي سنسڪار بہ حاصل ڪري ٿو. اتي ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي ٻين ڀاتين تي ذميواري آهي تہ هو پنهنجن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين. ننڍي هوندي کان وٺي ٻالڪ جيڪڏهن پنهنجي ماتر ڀاشا ٻڌندو ۽ اُن ۾ ڳالهائيندو تہ اُهي سنسڪار هُن تي عمر ڀر قائم رهندا. مون اهڙا گھڻيئي سنڌي ٻار ڏٺا آهن، جيڪي هندي\ انگلش ميڊيم اِسڪولن ۾ تعليم پرائين ٿا. گھرن ۾ سندن ماءُ پيءُ ۽ ٻيا مائٽ ساڻن هِندي يا انگريزيءَ ۾ ٿا ڳالهائين تہ سندن ٻار پنهنجي ماترڀاشا سنڌي ڳالهائي نٿا سگھن. اُنهن ۾ ڪي ٻار تہ اهڙا بہ آهن، جيڪي سنڌي سمجهي بہ نٿا سگھن.

مان گذريل ڇهن سالن کان وٺي سنڌي اَڪادمي، دهليءَ جو وائيس چيئرمن آهيان. دهليءَ ۾ ويهن کن سالن جي عمر کان ننڍن ٻارن جي جڏهن اَسان اها حالت ڏٺي تہ هو پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌي پوريءَ طرح ڳالهائي نٿا سگھن. نہ سنڌي آوازن (ڳ،

ڇ، ڏ، ٻ) جا اُچار نيڪ طرح ڪري نٿا سگهن، تڏهن اَسان هر سال اونهاري جي وئڪيشن ۾ گيت، سنگيت ناٽڪ وغيره سيکارڻ ذريعي ڪين پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو اَڀياس ڪرايو. ان جو نتيجو نهايت ئي تسلي بخش نڪتو آهي. هاڻي اُهي ٻار شڌ سنڌي ڳالهائين ٿا، اُنهن مان گهڻن جو چاهه پنهنجي ڀاشا جو وڌيڪ اَڀياس ڪرڻ ۽ ساهتيہ پڙهڻ طرف بہ پيدا ٿيو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ اَسين Vocal Culture جي پروگرامن ذريعي ٻارن کي وندر سان گڏ، سندن ماتر ڀاشا ۽ اُن جي ساهتيہ جو گيان بہ ڏيئي سگهون ٿا.

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ

''اُڃيا ري پيئندي، ڇيڪيا ري ڪانہ پيئندي.''

مطلب تہ ڳانءِ ۽ مينهن وغيره جانور کي جيڪڏهن اُڃ لڳندي تہ هو پنهنجو پاڻ ڪنهن تلاءَ تي وڃي پاڻي پيئندو! پر جيڪڏهن ڪنهن کي اُڃ نہ آهي تہ ڇِڪي وڃي کيس پاڻيءَ وٽ بيهاريو، تہ بہ اُهو پاڻي نہ پيئندو. حاصل مطلب تہ جيستائين ٻار جي من ۾ پنهنجي ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ چاهه پيدا نہ ٿيو آهي، تيستائين اُهو اُن کي حاصل ڪرڻ، سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو. اَندر مان پريرڻا نہ هئڻ تي ڪنهن کي بہ زوريءَ ڪابہ ڳالهہ سيکاري نہ سگهبي. ان مان ظاهر آهي تہ سنگيت، نرتيہ، ناٽڪ وغيره جا ڪاريہ ڪرم ٻار ۾ فقط چاهه پيدا ڪرڻ يا سکڻ جي اُمنگ ڏيارڻ جا هٿڪنڊا ساڌن آهن. اُنهن ذريعي پريرڻا ملڻ تي هو پنهنجي ڀاشا سکڻ ۽ ساهتيہ پڙهڻ طرف پاڻيهي وڌندو. جيڪڏهن اَسان ٻارن ۾ چاهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکي تہ پوءِ ٻار پاڻمرادو پنهنجي ڀاشا ۽ ساهتيہ جو بہ اَڀياس ڪندا. انهيءَ ڏِس ۾ جيڪڏهن ڪوششون جاري آهن، تہ پوءِ سنڌي ڀاشا جو آئنده بہ روشن سمجهڻ گهرجي.

**جوَهراڻي: جيڪڏهن ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ رشتا ناتا سُڌري وڃن تہ پوءِ توهين وري سنڌ ۾ وڃي رهڻ پسند ڪندا؟**

**جيٽلي:** ورهاڱي ڪان پوءِ اَسين سڀ سنڌي ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾

ٿر ٿاڻ ڪري نئين سِر وسي ويا آهيون. ان حالت ۾ مان نٿو سمجهان ته ڪو به سنڌي ٻيهر وري سنڌ ۾ وڃي رهڻ چاهيندو. ٻنهي ملڪن ۾ ناتا خوشگوار رهن. واپار، اچ وڃ، سير سفر، ٽپال سرشتو، اَدبي ۽ سپيتڪ ڏي وٺ جون سهوليتون قائم رهن؛ ايترو ئي ڪافي آهي.

رام! توهان کي شايد ڄاڻ نه هوندي ته مان ٽي دفعا سنڌ ۾ اِنٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو آهيان. پهريون دفعو ١٩٨٦ ۾ سکر ۾ شاهه لطيف ڪانفرنس ۾، ٻيون دفعو ١٩٨٩ ۾ ڪراچيءَ ۾ سچل سرمست ڪانفرنس ۽ ٽيون دفعو ڪراچيءَ ۾ ١٩٩٦ ۾ ڪلهوڙا ڪانفرنس ۾ ويو هوس. هر هڪ ڪانفرنس ۾ مون پيپر پيش ڪيا. سنڌين گهڻي سِڪ ۽ محبت ظاهر ڪئي ۽ سنمان ڏنو. ان هوندي به سنڌ ۾ موجوده دور ۾ سياسي ۽ سماجي حالتون اهڙي قسم جون پيدا ٿي چڪيون آهن، جو ڪو به سنڌي جيڪو هڪ دفعو اُتان اُکڙجي نڪتو آهي؛ اُهو ٻيهر اُتي دائمي طور وڃي رهڻ نه چاهيندو.

**جوَهراڻي:** **هِن وقت ڀارت ۾ اَسين سنڌي جيڪي ڪلچرل پروگرام ڪريون ٿا يا گيت سنگيت ۽ سانسڪرتڪ پروگرام ڪريون ٿا، اُتي نوجوان پيڙهي ۽ ننڍي ٿهيءَ جا سنڌي بلڪل نظر نٿا اچن. اُنهن کي پنهنجي سنڌيت جي وراثت سان ڪيئن جوڙجي؟**

**جيٽلي:** رام! اوهان جيڪو چيو، اُهو بلڪل درست آهي. سنڌي نوجوان پيڙهي اَسان کان گهڻي قدر ڪٽجي ويئي آهي. ساهت جي کيتر ۾ ڏسون ته دستوري سنڌي تعليم جي ڏکائپ جي وڃڻ ڪري، ڪي به نوجوان سنڌي ليکڪ پيدا نٿا ٿين. اڄ ڪالهه پنجويهه- ٽيهه سالن جي عمر جا نوان سنڌي ليکڪ ڳولهيندي به نٿا مِلن. ساڳي طرح نوجوان ڪلاڪار، ڳائيندڙ، نِرتيه ڪندڙ به سنڌين ۾ گهٽ آهن. اِنهيءَ ڪري سنڌي اَڪادمي دهليءَ طرفان اَسان خاص ڪوشش ڪري نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌين کي اڳيان آڻڻ جون يوجنائون عمل ۾ آنديون آهن. اونهاري جي وئڪيشن ۾ 'ٻال اُتسو' انهيءَ جو مِثال آهي. ساڳي طرح اَسان ڪامپيوٽر تي سنڌي سافٽ ويئر پروگرام نوجوان سنڌين کي سيکارڻ شروع ڪيا آهن.

انهيءَ ٽريننگ وٺڻ سان هوُ پنهنجي روزي روٽي به ڪمائي سگهن ٿا. يو.پي.ايس.سي. (Union Public Service Commission)، راجسٿان، اُتر پرديش، مڌيه پرديش راڄين جي سرڪاري نوڪرين ۽ عهدن تي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌين کي تيار ڪرڻ جي يوجنا به چالو ڪئي ويئي آهي. ان طرح سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جي اَڀياس کي جيڪڏهن روزي روٽي ڪمائڻ سان ڳنڍيو ته نوجوان سنڌي پاڻ مرادو پنهنجي ماترڀاشا ۽ ساهتيه جو اَڀياس ڪندا ۽ سنڌيت کان واقف ٿيندا. دوردرشن تي به سنڌي چينل شروع ڪري اُن جي ذريعي هڪ طرف سنڌيت جا پروگرام ڏيئي انهيءَ جو ڦهلاءُ ڪري سگهجي ٿو، ته ٻئي طرف ڪلاڪارن کي به پنهنجي ڪلا ڏيکارڻ جو وجهه ملندو.

**جواهراڻي:** **سنڌين کي ڀارت ۾ پنهنجو جدا علائقو ملڻ گهرجي. ان باري ۾ اوهان جا ڪهڙا ويچار آهن؟**

**جيٽلي:** هِن وقت ڀارت ۾ جيڪي به پرانت ٺاهيا ويا آهن، اُهي اُنهن ڪيترن جي ڀاشائن موجب آهن. جيئن ته ڀارت ۾ سنڌي ڪنهن به خاص ڪيتر جي ڀاشا نه آهي، ان ڪري اُن کي ڪنهن به پرانت ۾ سرڪاري طور منظور ڪيل ٻوليءَ جو درجو حاصل ٿي نه سگهيو آهي. ڀاشا وگيان جي لحاظ کان ڪڇي، سنڌيءَ جي هڪ اُپڀاشا آهي. انهيءَ ڪري ڀاشائي سمانتا کي ڌيان ۾ رکي، ڀائي پرتاپ ڪڇ جي مهاراجا کان اُن علائقي ۾ سنڌين کي وري وسائڻ لاءِ زمين جي گهر ڪئي. مهاراجا اُن مطابق گهٽيئي ايڪڙ زمين ڀائي پرتاپ کي ڏني. هُن اُتي آديپور، گانڌيڌام ۽ ٻيون سنڌي ڪالونيون وجود ۾ آنديون پر اِنهيءَ عرصي کان اڳ ئي جيڪي سنڌي ٻين پرانتن ۾ وسي چڪا هئا ۽ روزي-روٽي ڪمائڻ لڳا هئا، سي اُتان وري لڏا پٽي آديپور- گانڌي ڌام ڏانهن وڃي نه رهيا. هن وقت انهن علائقن ۾ غير سنڌي به گهڻي تعداد ۾ آباد آهن. ٻيو ته اُتي جيڪي سنڌي رهن ٿا؛ اُهي رهڻي ڪهڻي ۽ کاڌي پيتي وغيره جي لحاظ کان ڪڇ جي ماڻهن سان مڪمل طور ميل ميلاپ پيدا ڪري نه سگهيا آهن.

راجستان باردر وٽ جوڌپور، جيسلمير، ٻارميڙ وغيره سرحدي علائقن ۾ جيڪا ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، اُنهيءَ جي ڳالهائيندڙن سان ۽ اُتي جي اَصلوڪن رهاڪن سان ٻه، ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان لڏي آيل سنڌي هِندن جو ميل جول نه ٿي سگهيو آهي. انهيءَ جو مکيه سبب رهڻي ڪهڻي ۽ جيون جي

طور-طريقن وچ ۾ فرق آهي. اتي ٻه جيڪڏهن نئين سنڌ اَڏبي ته اُها ڪامياب نه ٿيندي. انهن جي ڀيٽ ۾ اُلهاس نگر، چيمبور، پمپري ۽ بيراڳڙه وغيره علائقا جتي سنڌين کي ورهاڱي ڪانپوءِ هڪدم وري رهايو ويو، اهي ئي هاڻي سنڌين جا مکيه مرڪز پارت ۾ آهن.

جيڪڏهن مرڪزي سرڪار جي هٿ هيٺ جيڪي ايراضيون (Union Territories) آهن، اُتي نئين سنڌ اڏڻ جي رٿا عمل ۾ آڻجي ته اُها ٻه گهڻي ڪارگر ثابت نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته جيڪي سنڌي جتي جتي وسي ويا آهن، اُهي اُتان اُکڙجي وري ٻئي هنڌ وڃي رهڻ نه چاهيندا. چوندن ۾ ووٽن جي لحاظ کان ٻه اهڙين سنڌي ايراضين کي گهڻي طاقت نه رهندي. انهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکي منهنجي ويچار ۾ ڪنهن ٻه ايراضيءَ ۾ نئين سنڌ اَڏڻ فقط هڪ خواب مِثل آهي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ جن ايراضين ۾ هن وقت سنڌي گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، اُنهن کي ئي سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڪزن جي روپ ۾ وڌيڪ مضبوط بڻائجي.

بمبئي يونيوَرسٽي، ڪالينا ڪيمپس ۾ 'سنڌي ڀاشا ڀوَن' برپا ڪرڻ جي رٿا ٻه عمل ۾ آڻڻ گهرجي. اُتي 'سهيوگ فائونڊيشن ڪارنر' پڻ آهي، جتي سنڌيت کي محفوظ رکڻ ۽ اُنهيءَ جي ڦهلاوَ لاءِ اهڙيون يوجنائون وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿينديون.

**جوَهراڻي: جيٺلي صاحب! اَوهان هيترو وقت ڏيئي پنهنجي خيالن کان اَسان کي واقف ڪيو، اُن لاءِ گهڻو شڪرگذار آهيان!**

**جيٺلي:** رام! توهان تمام سٺو ڪاريه هٿ ۾ ڪنيو آهي. پڪ ئي پڪ اِن نموني سنڌين جو اتهاس محفوظ رهندو!